ISSN E: 2709-8273
ISSN P:2709-8265
JOURNAL OF APPLIED LINGUISTICS AND TESOL
JALT

JOURNAL OF APPLIED LINGUISTICS AND TESOL (JALT)
Vol.7.No.4 2024

# اوڏڪي ٻوليءَ جي وياڪرڻي خصوصيتن جو تحقيقي اڀياس

## RESEARCH STUDY OF GRAMMATICAL CHARACTERISTICS OF OADKI LANGUAGE

ڊاڪٽر ڦُلُو ’سندر‘ ميگهواڙ، محترم هنسراج هنس اوڊ، محترمہ انيتا ڪماري اوڊ، محترمہ اقرا گبول

**Dr. Phuloo `Sunder` Meghwar[1],**
**Mr. Hansraj Hans Oad[2],**
**Ms. Aneeta Kumari Oad[3],**
**Ms. Iqra Gabol[4]**

Abstract:

*Oad community is one of the original inhabitants of Sindh, their language is Oadki. Even though it has been passing through many stages of prosperity for centuries. It has taken thousands of years to develop this language. From some historical sources or written books, it is revealed that the original race of Oad is mainly related to Mohan-jo-Daro. The Odiki language is rooted in the civilization of Mohan-jo-Daro. Even if it is such an ancient and rich language in terms of history and culture, no research has been done on it yet. Is Oadki is separate language or is it an idiom or dialect of Sindhi or any other language? What is the historical, linguistic, or cultural background of the Odaki language? Does the language have its distinctive features? Does the language have its vocabulary? Many questions like these are waiting to be explored. In other words, due to the lack of work on any aspect of linguistics, and due to the influence of neighboring and foreign languages, the language is under threat. Rhetoric, rules of sentence structure, and many other beautiful linguistic principles become obsolete over time. Which will be the loss of the historical heritage of the languages of the Indus Valley.*

*In this article, it is tried to highlight the greatness, importance, and richness of the Oadki language by highlighting the unique features of the language, also for further research.*

Keywords:

Phuloo, Ancient, Inhabidant, Sindh, Meghwar, Oad, Oadki, Dhatki, Parkri, Marwari, Language, Linguistics, Culture, Indus Valley, History, Anthropology.

**تت:**

اوڏ برادري سنڌ جي اصلوڪن رهاڪن مان هڪ آهي، سندن ٻولي اوڏڪي آهي. توڙي جو اوڏڪي صدين کان ڪيترائي اوسر جا مرحلا پار ڪندي رهي آهي. هن ٻوليءَ کي نهڻ ۾ هزارين سال لڳا آهن. ڪن تاريخي اهڃاڻن يا لکيل ڪتابن مان پتو پوي ٿو تہ، اوڏن جي اصل نسل جو بنيادي تعلق موهن جي دڙي سان آهي. يعني اوڏڪي ٻوليءَ جو پاڙون موهن جي دڙي جي تهذيب ۾ کُتل آهن. تاريخي ۽ ثقافتي حوالي سان ايڏي قديم ۽ شاهوڪار ٻولي هوندي بہ، ان تي اڄان تائين ڪا تحقيق نہ ٿي آهي، نتيجي طور ڇا اوڏڪي الڳ ٻوليءَ آهي؟ يا سنڌي يا ڪنهن ٻي ٻوليءَ جو محاورو يا لهجو آهي؟ اوڏڪي ٻوليءَ جو تاريخي، لساني يا ثقافتي پس منظر ڪهڙو آهي؟ ڇا اوڏڪي ٻوليءَ جون پنهنجو وياڪرڻي

[1] Dr Meghwar is an Assistant Professor at the Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazirabad, Sindh, Pakistan. Email: drphuloo@sbbusba.edu.pk
[2] Mr Oad is serving as Lecturer at Department of Political Science, University of Sindh, Jam Shoro, Sindh, Pakistan.
[3] Ms Oad is qualified BS Sindhi Language and Literature from Department of Sindhi Language and Literature Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazirabad, Sindh, Pakistan.
[4] Ms Gabol is student of BS Sindhi Language and Literature from Department of Sindhi Language and Literature Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benazirabad, Sindh, Pakistan.

خصوصيتون آهن؟ ڇا اوڏڪي ٻوليءَ جو پنهنجو شبد ڀنڊار (Vocabulary) آهي؟ وغيره جهڙا ڪئين سوال کوجنا جي انتظار ۾ آهن. مطلب ته، لسانيات جي ڪنهن پاسي تي ڪم نه ٿيڻ ڪري، ۽ اوڏڪي ٻولي ڳالهائيندڙ پاڙيسرين ۽ ڏارين ٻولين جي اثرن ڪري، خطري هيٺ آهي، جنهن جو وڏو نقصان اهو ٿي رهيو آهي ته، سنڌو ماٿري جي قديم ٻولين جي وياڪرڻي خوبين، خصوصيتن، صوتيتي شاهوڪاري، جملن جي جوڙجڪن جي قاعدن ۽ ٻين ڪيترن ئي خوبصورت لساني اصولن تي وقت جي دز چڙهندي ٿي وڃي. جيڪو سنڌو ماٿري جي ٻولين جي تاريخي هريٽيج جو نقصان ئي ليکبو.

هن مقالي ۾ اوڏڪي ٻوليءَ جي وياڪرڻي خصوصيتن جي اُڪيل ڪري، اوڏڪي ٻوليءَ جي عظمت ۽ شاهوڪاريءَ کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، ته جيئن کوجڪ انهيءَ ٻوليءَ تي ويتر کوجنا ڪن، ۽ ادارا انهيءَ جي بچاءُ، بقاءِ، واڌاري ۽ سُڌاري لاءِ وقت سر ڪردار ادا ڪن.

**اوڏ جاتيءَ جو تعارف**

اوڏ سنڌ جي هڪ اصلوڪي، آديواسي ۽ قديم جاتي آهي. جنهن جي ٻولي اوڏڪي آهي. اوڏڪي ٻولي نالي مان ئي ظاهر آهي ته اوڏ جاتيءَ جي ٻولي آهي. تنهن ڪري اوڏڪي ٻوليءَ جو بڻ بنياد يا تاريخ ڳولهڻ لاءِ پهرين اوڏ برادري جي بڻ بنياد، تاريخي پسمنظر بابت مختصر ۽ تعارفي ڄاڻ ڏني ويندي.

ڪن ماهرن موجب اوڏ ڪتري/ ڪشتري/ ڇتري راجپوت آهن، يعني آريا آهن. جيڪڏهن آريا آهن، تنهن جو مطلب اوڏڪي ٻولي سنسڪرت يا هندي جي پراڪرت آهي. ڪن جو خيال آهي ته، موهن جي دڙي جا اڏيندڙ اوڏ آهن، يا اوڏ برادريءَ جو تعلق موهن جي دڙي سان آهي. اهي ٻاهريان آيل ناهن، تنهن جو مطلب اوڏڪي سنڌ جي اصلوڪي ٻولي آهي، جيڪا سنڌيءَ جي ڀيڻ، ماءُ يا ڏي آهي. تنهن ڪري، اوڏڪي ٻوليءَ جو بڻ بنياد ڳولهڻ لاءِ اوڏ جاتي جي بڻ بنياد ۽ ان جي تاريخ جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

ڪنهن به جاتي بابت تاريخي حقيقتون معلوم ڪرڻ لاءِ ''ماضي ۾ وڃي ڪنهن به مامري جي تهه تائين پهچڻ لاءِ ڪيئي ذريعا هن وقت موجود آهن، ۽ هن کان پوءِ مستقبل ۾ ڪيئي ذريعا اچڻ وارا آهن. علم جو ڇيهه ناهي. هاڻي اهڙا امڪانات موجود آهن ته ڪو 'سپر' ڊپر قسم جو ڪمپيوٽر موئن جي دڙي واري ٻولي پڙهي سگهي ٿو. جنهن مان پنجن هزارن سالن کان وٺي، انن هزارن سالن تائين جي قديم حقيقتن جا ڪجهه نه ڪجهه پهلو اسان جي سامهون نروار ٿي سگهن ٿا. پر هتي اسان جو ليکو چاکو ماضي ۽ حال سان آهي. هڪڙو ذريعو ڏند ڪٿائون آهن، هوندئن جي سڌي طرح ڏند ڪٿائين ۾ موجود آکاڻين ڏانهن وڃبو ته اهي قطعي طور تي ناقابل اعتبار نظر اينديون، پر انهن ناقابل ڪٿائن جي معنويت تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪجي، ته ڪجهه نه ڪجهه هٿ اچي ويندو ،پوءِ اها حقيقت مبهم ئي سهي ." (1)

تحقيق جي طريقيڪار جي معياري طريقي موجب، تحقيق جو بنياد ڪتابن ۾ موجود ثانوي مواد تي رکيو وڃي ٿو. ثانوي مواد نه هجڻ جي صورت ۾ ماڻهن کان ڳالهيون ٻڌي، انٽريو ڪري، مواد ڪٺو ڪبو آهي، جنهن جي ڇنڊڇاڻ ڪري، گهربل نتيجا ڪڍيا آهن. ڇاڪاڻ ته ڏندڪٿائن مان نڪتل نتيجا، اندازا، انومان يا ڪالپنڪ هوندا آهن، تن کي حتمي يا پختا نٿو ڪوني سگهجي. ان کان علاوه ''ماضي ۾ هٿ هڻڻ جو ٻيو وڏو ذريعو آرڪيالاجي آهي، جنهن ۾ ڪيميسٽري به هٿي ڏي ٿي. آرڪيالاجي جي حساب سان قديم عمارتن جي گهاريٽي توڙي اهڙي قديم عمارتن ۾ ليجندڙ ٿانون ،ٺڪرن،سڪن، ۽ ٻين شين مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، ته اهو هنڌ ڪيترو قديم آهي. اهو قديم آثار مان ڪا سر پٽي ڪيميڪل عمل مان گذاريو، ته انهي سر جي عمر نڪري ايندي، ته اهو هنڌ ڪيترا سال پراڻو آهي.'' (2)

ثانوي مواد لاءِ، اهم ذريعو تاريخي مواد آهي، مشهور بگهارين مزاح نگار جارج مائڪس ڪنهن هنڌ لکيو آهي ته،''تاريخ هوندي ناهي، ۽ جاگرافي صرف عورت جي جسم جي ٿيندي آهي.'' (3)

پوري دنيا جي انهن قومن يا خطن جي تاريخ گواهه آهي، جن تي هُلائون ٿيون، ڪيتريون ئي ڪاهون ٿيون، ۽ مختلف دورن ۾ مختلف قومن، جن جا مذهب، ثقافت ۽ ٻوليون ٻيون هيون، انهن پنهنجن حملن کي جسٽيفاءِ ڪرڻ لاءِ ان خطي جي تاريخ ٿوڙي مروڙي لکي. ''سنڌ جي تاريخ ڏکن ۽ ڏٽن تي ٻڌل آهي، اهي چند تاريخن جا ڪتاب پڙهڻ مان لڳي ٿو، ته سنڌ جا جيڪي به رهاڪو آهن. اهي سڀ جا سڀ ٻاهران آيل آهن، هتي جڻ ڪو ماڻهو ئي نه رهندو هو. اها سنڌ سان حد کان وڏيڪ زيادتي آهي.'' (4)

ان قسم جي سوچ جي پويان نسلي، قبائلي، مذهبي يا ڪي ٻيا سبب آهن. جنهن ڪري ڪيترائي ماڻهو پنهنجي جاتي يا برادريءَ جي پڻ بڻياد ڪي پنهنجي مذهب واري ملڪ، يا وري ان برادري يا قوم سان ڳنڍين ٿا جيڪا سياسي ۽ معاشي طور مضبوط آهي، يا ڪن دور ۾ مضبوط هئي. پر اڄڪلهه جي جديد دور ۾، ''ڪنهن به ذات ۽ ڪٽنب قبيلي جي اصليت ڳولهي لهڻ لاءِ جيڪو سائنسي علم موجود آهي، انهي کي چوندا آهن، 'Ethnology' ائٿنالاجي وري حصو آهي ائنٿراپالاجي جو، انهي علم جي حساب سان ماڻهو جي قد ڪاٺ، جسماني بناوت، رنگ، روايتن، ريتن رسمن ،انساني روين، ٻولي جي اکرن، لباس لباس تي موجود پرت، ۽ چٽ جي پويان موجود Motives، ٻوءِ، هلڻ ڦرڻ، ۽ ٻين Movements کي چيڪ ڪرڻ پوءِ انهن جي اصل نسل کي پرکي سگهي ٿو. پر هن جديد دور ۾ ٻه ٽي پيڙهيون اڳ جي ائنٿالاجي تي هٽ هٽبو، تڏهن وڃي خبر پوندي، چاڪاڻ ته اڄڪلهه جينز به پاتي وڃي ٿي، جيڪا آمريڪين جي ڪلچر جو حصو آهي.'' (5)

**اوڏ جاتيءَ جي اُنياڪ:**

اوڏ اصل ۾ ڪٿان جا رهاڪو آهن، سندن انياڪ ڪٿان جي آهي، جنهن جي باري ۾ به الڳ الڳ رايا ملن ٿا. هڪ ته اوڏ سنڌ جا اصلوڪا آديواسي آهن، ٻيو ته اوڏ راجپوت آهن، ۽ انهن جو تعلق آريا لوڪن سان آهي، يعني اهي اصل سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو ناهن، بلڪ اهي ٻاهران آيل آهن. ٻنهي خيالن جي مختلف حوالن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري، اسان ڪي حتمي نتيجا ڪيندا سين، جنهن مان ئي اسان اهو نتيجو ڪڍي سگهنداسين ته اوڏڪي ٻولي اصل ڪهڙي ٻوليائي خاندان يا خطي سان تعلق رکي ٿي.

پهرين خيال موجب، ''ڀارت جي حڪمران نسلي گروهن ۾ ڪتريه (اوڏ راجپوت) نسل تمام قديمي حڪمران نسل آهي. اوڏ ذات جو شاخون ڀارت جي سرزمين تي پکڙيل آهن. اسان کي ان ڳالهه تي فخر آهي ته، هن ذات جي ماضيءَ جو احوال موجود آهي. مگر اسان ان جي کوجنا ڪئي ۽ ڪيترن ئي تواريخن سان ان جي ڀيٽا ڪئي، تڏهن خبر پئي ته اڄا تائين هن نسل جي پيدائش جي تاريخ اونداهيءَ ۾ گم آهي ۽ ليکڪن جي مختلف راين جي ڄار ۾ اُلجهيل آهي.'' (6)

ڪاڪي ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي موجب، ''سنڌ ۾ هن وقت جيڪي "اوڏ" آهن، سي اصل دراوڙن جي ڪُل مان آهن. اهي اصل ڏکڻ هندستان ۾ هئا، اتر هندستان ڏي اچڻ کان اڳ واٽ تي جيڪو هنڌ اول وسائي ويٺا، سو هنڌ سندن نالي پٺيان "اوڏر ديش" سڏجڻ ۾ آيو، جنهن جو اُچار پوءِ ڦري "اوڙيسا" (Orissa) ٿيو. بمبئيءَ ڪاتي جي ذاتين جو ذڪر ڪندي، هيءَ حقيقت اينٿوون صاحب ڄاڻائي آهي. انهن اوڏن مان پوءِ ڪي مارواڙ ويا، جتان پوءِ سنڌ ۾ آيا؛ پر ٻولي اڄ تائين مارواڙين جهڙي ڳالهائيندا آهن، اهي اصل هندو آهن، پر اڪثر مسلمانن جهڙي شڪل اٿن، ۽ ڪپڙا به اهڙا ڍڪيندا آهن. سندن پير رامڏيو آهي. جنهن جو ميلو سال بسال لڳندو آهي. "اوڏ" لفظ جي بنيادي معنيٰ آهي "اڏيندڙ"؛ اهي اڄ تائين پٽين جون اوساريون ڪٽيندا آهن.'' (7) ڪاڪو ڀيرو مل لکي ٿو ته اهي دراوڙ آهن. مرزا قليچ موجب، ''اصل مارواڙ جا هندو ماڻهو آهن ۽ انهيءَ پاسي جي گڏيل ٻولي ڳالهائيندا آهن. اڪثر مسلمانن جهڙي شڪل اٿن ۽ ڪپڙا به اهڙا ڍڪيندا آهن. پٽيون اڏيندا آهن. سندن پير رام ديو آهي. اُنهن جا به گهڻا فرقا آهن: رانوڙ، پرمار، ڀٽي، چوهان وغيره. '' (8) انسائيڪوپيڊيا سنڌيانا لکي ٿي ته، ''اوڏ قديم ماڻهو 'دراوڙ' نسل مان آهن ۽ گهڻو ڪري گڏهن تي مٽي ڪٽڻ ۽ پٽين جوڙڻ جو ڪم ڪندا آهن. سندن انهيءَ ڪم کي 'اوڏڪو ڪم' چوندا آهن. سنڌ ۾ اوڏ مسلمان به آهن ته غيرمسلم به. راجپوتن وانگر هن نسل جون به نکون آهن. مثلاً رانوڙ، پرمار، چوهاڻ ۽ ڀٽي وغيره. هنن جو پير رامڏيوُ آهي. اوڏن سان منسوب ڪيترائي ڪردار لوڪ ادب جو حصو آهن. '' (9)

هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا اهي دراوڙ آهن يا آريا (راجپوت)؟ جڏهن ته هن وقت دراوڙ ۽ آرين وارو نظريو پڻ رد ٿي چڪي آهي. ''پهرين اڇون ٻولي تي لفظ ''اوڏ''خالص سنڌي جو لفظ آهي ،جيڪو هاٺي ڦري ٿيو آهي''اڏيندڙ''به ٽي پيڙهيون اڳي ڪنهن ٻي ذات جو ماڻهو ،پوءِ اهو ڇو نه ڪٽي سيد يا مغل هجي، ڪچا گهر اڏيندو هو، ته انهيءَ کي سندس ڪرت جي ڪري چوندا هئا، ''اوڏ''، مثلا ''اسحاق اوڏ'' آئون پاڻ مهراڻي جي ڪس جو رهاڪو آهيان ، سو اهو لفظ نندپڻ ۾ ٻڌم، اهو لفظ ''اوڏ'' شاهدي ڏيو بينو آهي، ته اوڏ اصل ۾ سنڌ جا رهاڪو آهن، باقي ڪي اوڏ وڃي دهلي ۾ ويٺا، يا آسام ۾ اوڙيسا مان وڃي نڪتا يا مون کي خود کي اوڏن جو هڪ اهڙو خاندان سجهي ٿو، جيڪو ڪئناڊا ۾ رهي ٿو، ته انهي جو مطلب ناهي ته اوڏ ڪينيڊين يا دهلوي يا آسامي هئا. بس Melting Pot ۾ هليا ويا.'' (10)

ISSN E: 2709-8273
ISSN P:2709-8265
JOURNAL OF APPLIED LINGUISTICS AND TESOL
JALT



عبدالقادر جوڻيجو اوڏن کي اصلوڪا سنڌي ثابت ڪرڻ لاءِ وڌيڪ لِکي ٿو ته، ''اچو سائين ٻي نشاني ٿي، مون ننڍي هوندي جيڪي اوڏ عورتون ڏٺيون ،انهن کي گج ۽ پڙو پهريل هوندو هو، سندس پڙي تي گولاڙي جي ول جا پٽ ۽ گج تي ٽيل ڪم جا جيڪي Motives هئا، اهي سڀ جا سڀ سماٽ وارا هئا، خود اسان جون وڏيون اهوئي لباس پائينديون هيون. پر انهيءَ جو مطلب اهو ناهي، ته ڪو اوڏ ''سماٽ'' جا ماڻهو آهن. خود سماٽ جون ڪيتريون ئي ذاتيون اجان تائين هنڌو آهن. مثلا سما، جوڻيجا، جاڙيجا، ۽ گوجرات ۾ '' ٺاڪر'' چوندا آهن. ٺاڪر جو مطلب ٿيو، ''راجپوت''. انهي حساب سان ''اوڏ'' سنڌ جا راجپوت آهن، سي به سورج ونسي راجپوت. تنهن کان پوءِ جوڳين، ٻڙهن، ڪبوترن وانگر اوڏ خانا بندوش ناهن، جو مسلسل برما کان عراق تائين رلندا وتن. اصل ۾ اوڏ بروهين وانگر ''Seasonal migrants'' (موسم آهر ڪم سانگي لڏيندڙ) آهن. جيڪي پنهنجو اوڏڪو ڪم ڪري واپس سنڌ ڏانهن موٽيندا هئا. پر هاڻي سيٽل ٿي چڪا آهن. قصو اتي وڃي ٿو ڪٽي ته، ''اوڏ'' اصل ۾ سنڌي راجپوت آهن . ٻئي هنڌ هٽ هٽڻ اجايو آهي.'' (11)

ٺاڪر لڇمي نارائڻ سنگهه، ڪاڪي پيرو مل مهرچند آڏواڻي، ۽ مرزا قليچ بيگ، موجب اوڏ جاتي اصل راجپوت ٺاڪر آهن. جڏهن ته جيڪڏهن اوڏ راجپوت آهن، ته انهن جي ٻولي هند آريائي ٻولين سنسڪرت، هندي ۽ ٻين پراڪرتين سان تعلق رکندڙ ٻولي هوندي. عبدالقادر جوڻيجي موجب اوڏ سنڌي راجپوت آهن، تنهنجو مطلب، اوڏڪي ٻولي سنڌ جي اصلوڪين ٻولين منجهان آهي.

ان ڳالھ جي ثابتي اوڏڪي ثقافت ۽ ٻوليءَ جي وياڪرڻي خصوصيتن مان به ملي ٿي، ته اوڏ سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو آهن. ڇاڪاڻ ته، ٻولي نه صرف ثقافت جو جز آهي ۽ ثقافت جي اظهار جو ذريعو آهي، بلڪ ٻولي ثقافت مان جنم وٺي ٿي. اوڏ برادري پنهنجي ثقافتي رنگن جهڙوڪ: مذهبي عقيدن، ڏڻن، سونٽن، سانن، ڇني، مڱڻي ۽ شادي، طلاق، مرڻي جي ريتن رسمن، ويس وڳن، سينگار، زيورن، گهرن، گذرمعاش يا ڌنڌي، کاڌ خوراڪ، ڪرڙي، کهڻي وغيره جي حوالي سان نه صرف منفرد، پر شاهوڪار به آهي. جنهن جو تفصيلي ذڪر جيئل راءِ اوڏ لاڙڪاڻوي پنهنجي مقالي 'اوڏ قوم – تاريخي پس منظر ۽ رسم و رواج' ۾ ڪيو آهي، جيڪو 1982ع جي مهراڻ رسالي ۾ شايع ٿيو آهي.

**اوڏڪي ٻولي:**

ٻولين جي وجود ۾ اچڻ جي حوالي سان مختلف نظريا بحث هيٺ رهيا آهن. انهن مان فطرت يا ماحول جي آوازن مان ٻوليءَ جو سرجڻ مضبوط ۽ اهم نظريو آهي. جنهن تحت انسان جاگرافيائي، آبهوائي ۽ ماحولياتي فطري حالتن کان ٻولي ڳالهائڻ سکيو. "ٻولي صوتياتي علمن جو هڪ سلسلو آهي، جيڪو ڪو انسان ردعمل طور هٿرادو يا فڪري ماحول جي وچ ۾ رهڻ سان ظاهر ڪري ٿو ۽ انهن حالتن جي موجودگيءَ ۾ ڪري ٿو، جيڪي هن جو ماحول ٺاهين ٿيون. انسان جي ٻوليءَ جو اهم ترين پهلو، جيڪو ٻوليءَ جا ماهر ۽ نظريا ڏيندڙ عالم عام طور تي خيال ۾ ئي نه ٿا آڻين، سو اهو آهي ته ٻوليءَ تائين پهچڻ ۾ انسان کي هزارين سال لڳي ويا هئا. هن جو مطلب آهي ته انسان پنهنجي ساٿي انسانن سان سمجهڻ جوڳن آوازن ۾ ڳالهائڻ تائين پهتو، تنهن کان اڳ هن کي اظهار جي ڪنهن به نموني تي هلڻو پيو هو. لفظن کان پوءِ لفظي سرشتا ۽ پوءِ جملا نهيا ته پوءِ وڃي مس ڪا ٻولي بڻي." (12)

جاگرافيائي، ماحولياتي، آبهوائي حالتن ۽ سماجي ضرورتن تحت سماج جڙن ٿا. انهن سماجن جي اصولن، قاعدن ۽ تقاضائن ۽ انهن جي عمل ۽ اظهار سان ثقافت جنم وٺي ٿي. جيڪا پڻ ٻوليءَ جي سرجڻ جو بنيادي سرچشمو آهي. مخصوص جاگرافي سان لاڳاپيل آواز ۽ لفظ جي هڪ خطي کان ٻئي خطي جي مٽي بيان ڪيل انفرادي سڃاڻپن تحت ٻوليون الڳ الڳ ٿي بيهن ٿين ٿيون. اوڏ خاص طور تي سنڌ ۽ عام طور تي هند جي مختلف علائقن ۾ آباد آهن. انهن خطن جو جاگرافي ۽ آبهوائي حالتون ته ٻين ٻولين ڳالهائيندڙن ۽ اوڏڪي ڳالهائيندڙن لاءِ ساڳيون آهن، پر جيڪا ڳالھ منفرد بڻائي ٿي، سا آهي اوڏن جي ڪرت. سندن ڪرڙي (ڌنڌي) جي حساب سان انهن جي رهڻي الڳ آهي، جنهن ڪري سندن کهڻي (ٻولي) به الڳ ۽ منفرد ٿي ابري ٿي.

جيئل راءِ اوڏ موجب، ''اوڏڪي ٻولي مارواڙي ٻولي سان گهڻو ملي جلي ٿي چند جملا هيٺ ڏجن ٿا.

ISSN E: 2709-8273
ISSN P:2709-8265
JOURNAL OF APPLIED LINGUISTICS AND TESOL
JALT

JOURNAL OF APPLIED LINGUISTICS AND TESOL (JALT)
Vol.7.No.4 2024

| نمبر | سنڌي | اوڏڪي |
|---|---|---|
| 1 | تون ڇا پيو ڪرين؟ | تون ڪا، ڪري، تا؟ |
| 2 | مان پڙهان ٿو. | مين، پَڑهين، پَلا. |
| 3 | تنهنجي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟ | تڏي، با، چي، نا، ڪا، هي؟ |
| 4 | تون ڪٿي وينو آهين؟ | تون ڪني بيلها، هتا؟ |
| 5 | تو وٽ گهڻا گڏهه آهن؟ | تو، ڪن، گهڻين، گاڙهين هتسين؟ |
| 6 | تون ڇا تي ڪمائيندو آهين؟ | تون ڪي، ڦر، ڪماوي تا؟ |
| 7 | مان گڏهن تي ڪمائيندو آهيان. | مين، گاڑهان پر، ڪماوين هين. |

ان کان علاوه گڏهه کي ”گاڙو“، لَسيءَ کي ”ڇاڇڙي“، مڇيءَ کي ”ماڇڙي“، ڪٽ کي ”کاٽ“، ڪوڏر کي ”پاوڙا“، مسلمان مرد کي ”گوڇا“ واڻئي کي ”باڻئا“، وارن کي ”چوٽي“، هٿن کي ”هاٿ“، پيرن کي ”پڳ“، مٽي کي ”نوڏ“، سلوار کي ”سُوٿڻ“، رلهي کي ”ڪَنڌولي“، باهه کي ”جاڪتي“، پکيءَ کي ”سَرڪِي“ ۽ پاڪڙي کي ”جتري“ چيو وڃي ٿو.“(13) نه صرف مارواڙي بلڪ، اوڏڪي سنڌ ۽ پاڙيسري ٻولين ۽ انهن جي محاورن سان هڪجهڙايون ۽ فرق رکي ٿي. ڇاڪاڻ ته ٻوليون هڪ ٻئي اثر قبولين ٿيون. هيٺ مختصر تقابلي جائزو ونجي ٿو.

**اوڏڪي ٻولي ۽ پاڙيسري ٻولين ۽ محاورن جو تقابلي اڀياس:**

دنيا جي سڌريل سماجن وانگر، سنڌ به گهڻ ٻوليائي، گهڻ ثقافتي، گهڻ مذهبي ڌرتي آهي، جتي هر ذات، ٻولي، رنگ، نسل ۽ مذهب جو ماڻهو صدين کان ملي جلي ڪري رهي پيو. مختلف دورن ۾ مختلف پاسن کان مختلف مذهبن ۽ ذاتين جا ماڻهو لڏي هتي آيا، جنهن جي ڪري سنڌ گهڻ مذهبي، گهڻ ثقافتي، گهڻ ٻوليائي خطو بڻجي ويو. پوري سنڌ ۽ انهيءَ جي آسي پاسي ۾ ڪيترين ئي ٻولين ڳالهايون وڃن ٿيون، جن مان سنڌي، اوڏڪي، ڍاٽڪي، پارڪري، مارواڙي، گجراتي، ڪڇي اهم آهن. سنڌ ۾ ڳالهايون ويندڙ ٻولين جو اوڏڪي ٻوليءَ سان تقابلي اڀياس ڪجي ٿو.

**سنڌي ٻوليءَ جو معياري ۽ ٿري محاورو ۽ اوڏڪي ٻولي:**

اوڏڪي ٻوليءَ جي سنڌيءَ جو معياري ۽ ٿري مُحاوري سان لاڳاپو ڏيکارڻ لاءِ هيٺ ڪجھ لفظن جي ڀيٽ ڪجي ٿي.

| سنڌيءَ جو معياري مُحاورو | سنڌي جو ٿري مُحاورو | اوڏڪي |
|---|---|---|
| اِهو | اِي | ها/ اين |
| ڪان | ڪَنان | سُون/ کُون |
| اوهين | اَئين | تمين |
| منهنجو | مهجو | مانجا/ مانچا |
| هُو | اوءَ | اُون/ وا |
| هُجن | هُوَن | هُوي |
| نهارين | نهارئين | ڏيکئہ لا |
| ڇا/ ڇو | ڪوهه | ڪا/ ڪان |
| بيهارين | بيهارئين | اپاٹين |
| پنهنجو | پنڌ جو/ پنڌ رو | آپ ڪئہ/ ڪا/ ڪِي |
| ڇا جي لاءِ | ڪوهه لاءِ | ڪي جي/ چي لا |
| پُٽ | پُتر | پُوت |
| مُنڍي | مندري | بينٽِي |

ISSN E: 2709-8273
ISSN P:2709-8265
JOURNAL OF APPLIED LINGUISTICS AND TESOL
JALT



| | | |
|---|---|---|
| جنهن | جنهن | جڪان/ جٽي |
| پيءُ | پيئو | ٻا |

**ڏاٽڪي ٻولي ۽ اوڏڪي ٻولي**

سنڌيءَ جي ٽري محاوري کان وڏيڪ اوڏڪي ٻولي لفظن جي هڪجهڙاين يا وياڪرڻي خصوصتين ۾ ڏاٽڪي ٻوليءَ سان تمام گهڻي ويجهڙائي رکي ٿي. مثال طور: ڏاٽڪي ۾ اسم خاص سان ’يو‘ پڇاڙي گڏي نالن جا اچار مٿائن ٿا، مثال طور: پورو مان پوريو، ڏيپو مان ڏيپيو، مسلمانن جي نالن پنيان بہ ”يو“ ملائين ٿا، ”سومار“ بدران ” سوماريو“. هي ڏاٽڪي ٻوليءَ جو اثر آهي جو اوڏڪي ٻوليءَ ۾ ’يو‘ بجاءِ ’يا‘ چون، يعني ڏاٽڪيءَ ۾ ’سوماريو‘ تہ اوڏڪيءَ ۾ ’سوماريا‘ چون.

”سنڌيءَ۾ سڀ ڪنهن لفظ جي پڇاڙي ۾ ڪا نہ ڪا اعراب آهي، جنهن جو اچار چٽو ڪن ٿا ۽ شڪارپوري اهو ٿا، وچولي طرف ان جو اچار اهڙو اڻ لکي طرح ڪندا آهن، جو ڌاريو ماڻهو سندن ڳالهائڻ مان جيڪر سمجهي ڪين سگهي، تہ هر هڪ لفظ جي پڇاڙيءَ۾ ڪا اعراب آهي، لاڙ جا ماڻهو، خاص ڪري هندو، اهو اچار اڪثر ڪو نہ ڪن.‘‘ (14)

سنڌيءَ ۾ جيڪي مذڪر مان مونث يا مونث مان مذڪر ۽ واحد جمع لفظ جي آخري اکر تي اعراب مٽائڻ سان ڪبا آهن. تن لاءِ اوڏڪيءَ ۾ پنهنجا اصول آهن، ڇو تہ اوڏڪيءَ جي لفظن جي آخر ۾ اعراب نہ هوندي آهي. اسم جون واحد جمع يا مذڪر مونث صورتون ۽ حالتون، جملي جي جوڙجڪ ۽ فعل جي زمان موجب ڦيري ۽ جملي جي فاعل موجب سجاڳپ ۾ ايندیون آهن.

ڏاٽڪيءَ۾ لفظ سسائڻ جي عادت اوڏڪي ۾ بہ ساڳي آهي.

مثال طور:

ڳاءُ        ڳا

بابا/ابا     ٻا وغيره

**ڪڇي ٻولي ۽ اوڏڪي ٻولي**

قديم دور کان اوڏڪي ٻولي ۽ ڪڇي ٻوليءَ جو هڪ ٻئي سان ويجهو تعلق رهيو آهي، تنهن جا سبب هڪ تہ جاگرافيائي آهن، ٻيا سياسي آهن ۽ ٽيان مذهبي. انهن ٽنهي سببن ڪري هڪجهڙائي پيدا ٿيڻ لازمي امر آهي. اوڏڪي ۽ ڪڇي ٻنهي ٻولين هندي ۽ سنسڪرت جا ڪيترائي لفظ گجراتي جي ذريعي پنهنجائيا آهن، نہ صرف انهن جو گجراتي طرف پنهنجائپ وارو رويو رهيو بلڪ انهن ٻنهي ٻولين پڻ هڪ ٻئي تي اثر ڇڏيا.

عبدالحفيظ قريشي لکي ٿو تہ، ”ڪڇ ۽ گجرات جي قديم آثارن واري تاريخ ٻڌائي ٿي تہ، سڄو سوراشٽر(ڪڇ، گجرات، جوناگڙهہ وغيره) ۽ راجستان قديم سنڌو سلطنت جو ڏاکڻيو علائقو رهيو آهي، انهي سلطنت جو مرڪزي علائقو/ شهر موهن جو دڙو رهيو آهي. سنڌو سلطنت جا اهي ڏاکڻا علائقا سڄي سنڌ جي عام ماڻهن ۽ حاڪمن جي پناهہ گاهہ طور ڪم ايندا رهيا آهن، سنڌ ۾ جڏهن سنڌي غير محفوظ ٿيا تہ هنن ڪڇ ڏانهن لڏ پلاڻ ڪئي، اهو سلسلو تاريخ جي هر ڏڪئي دور ۾ نظر اچي ٿو.‘‘ (15)

اهڙي طرح گجرات، راجستان، ۽ سنڌ جا ڳانڍاپا سياسي، سماجي، معاشي، مذهبي، ثقافتي ۽ تاريخي تمام ويجها ترين رهيا آهن. اهڙي حالت ۾ اهو فطري عمل هو ۽ آهي، تہ انهن خطن جون ٻوليون هڪ ٻئي کي جيئرو رکڻ، سينگارڻ، شاهوڪار بڻائڻ ۽ اڳتي وڌائڻ لاءِ هڪ ٻئي کي مالا مال ڪن. ٻولين جي انهي ڏي وٺ جي عمل ۾ اوڏڪي ٻولي پڻ ڪڇيءَ سان نيائيندي رهي آهي ۽ ٻئي ٻوليون هڪ ٻئي جا اثر قبولڻ کان ناهن بچي سگهيون. لفظن کي سسائڻ ٻنهي ٻولين ۾ هڪجهڙو آهي.

جيئن: ڪڇي ۾ ڇئيس(چونديس) ۽ اوڏڪيءَ ۾ کهيس

ڪڇيءَ۾ ’اين‘ ملائڻ سان جمع ٿين ٿا، جڏهن تہ اوڏڪي ۾ صرف مونث اسم جيڪي ’اِييا‘ سان ختم ٿين ٿا.

ISSN E: 2709-8273
ISSN P:2709-8265
JOURNAL OF APPLIED LINGUISTICS AND TESOL
JALT

JOURNAL OF APPLIED LINGUISTICS AND TESOL (JALT)
Vol.7.No.4 2024

| ڪڇي | | اوڏڪي | |
|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد | جمع |
| گھر | گھرين | روٽي | روٽِييا |
| ماڻس | ماڻسين | گھوڙي | گھوڙِييا |
| جانور | جانورين | ٻوري | ٻورِييا |
| ڏڪ | ڏڪ | ڪندي | ڪندِييا |

**پارڪري ٻوليءَ اوڏڪي ٻولي**

پارڪري ۽ اوڏڪيءَ ۾ صوتياتي ۽ لفظي هڪجهڙائي آهي، يعني ڪيترائي لفظ هڪجهڙا ته وري ٿوري ٿوري اچار جي ڦيري وارا آهن، مثال طور:

| اوڏڪي | پارڪري | سنڌي |
|---|---|---|
| ٻوڻ | ٻين | پيڻ |

اوڏڪي ۽ پارڪريءَ ۾ سنڌي آوازن جو بدلجڻ.

| سنڌي | اوڏڪي | پارڪري | صوتي تبادل |
|---|---|---|---|
| ڇٽي | ڇٽري | ستري | ٽ کي تر ۾ بدلائڻ |
| ڊيل | ڍيل | ڍيل | ڊ کي ڍ ۾ بدلائڻ |
| صوف | صوق | صوق | ف کي ق ۾ بدلائڻ |
| وينو | ٻيلھا | ٻيئو | و کي ٻ ۾ بدلائڻ |
| لغڑ | لگڙ | لڳڙ | پارڪريءَ ۾ غ، ڳ ۾<br>۽ اوڏڪيءَ ۾ وري غ، گ ۾ بدلي ٿو. |

**گجراتي ٻوليءَ اوڏڪي ٻولي**

اوڏڪي، هِتان جي اصلوڪين ٻولين جي سٽ مان آهي. جيڪا هڪ زنده ٻولي هوندي، پنهنجي ڌوڙي ۽ بنيادي ٻولين جي اثرن کان آجي ناهي. انهن ۾ هندي ۽ سنسڪرت اهم ٻوليون آهن. جن جو اثر، وچ ۾ آيل علائقن (گجرات، مارواڙ وغيره) کان ٿيندي قبولي ٿي. جڏهن ٻه هندي ۽ سنسڪرت ڳالهائيندڙ جي ۽ اوڏڪي ڳالهائيندڙ جي هڪ ٻئي ڏانهن اچ وڃ ٿي آهي، ته انهن کي، اِنهن وچ ۾ پيل علائقن تان ضرور گذرڻو پيو آهي، اهڙي طرح اڻ سڌي طريقي سان جڏهن اهي ٻوليون ايئن هتي پهچن ٿيون ته پاڻ سان گڏ ذريعو بڻيل ٻولين (گجراتي، مارواڙي، پارڪري ۽ ڪڇي) جا ٻه اثر پاڻ سان گڏ کڻي ٿيون اچن ۽ ان کان علاوه گجراتي ۽ ٻين ٻولين جا اوڏڪيءَ سان جاگرافيائي ويجهڙائي هئڻ ڪري سڌا سنوان اثر پڻ پيا آهن.

”سنڌ جي لساني جاگرافيءَ جي اونهي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي ته، سنڌي زبان جي ڪڇي، لاڙي، ٿري ۽ پارڪري لهجن تي گجراتي زبان جو اثر گهڻو رهيو آهي. ڪڇ ۽ پارڪر، گجرات جا پاڙيسري علائقا آهن: ان ڪانسواءِ ڪڇ جو وڻج واپار سڄو گجرات جي اثر هيٺ رهيو آهي، گجرات ۽ سنڌ جا سياسي ۽ سماجي ناتا سومرن جي زماني کان ٻه آڳاٽا رهيا آهن، اهڙن ناتن ۽ رشتن جو تفصيلي احوال سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي ڪتاب ۾ ڏنل آهي.“(16)

ISSN E: 2709-8273
ISSN P:2709-8265
JOURNAL OF APPLIED LINGUISTICS AND TESOL
JALT



آباديءَ جي تبديلي، سماجي ۽ سياسي ناتن، مذهبي، واپاري ناتن ۽ ڏي وٺ سبب اوڏڪي ۽ گجراتيءَ جو هڪ ٻئي تي اثر ٿيو.

اوڏڪي ٻوليءَ تي گجراتيءَ جو تمام گهڻو اثر آهي، پر لاڙي، ٿري ۽ پارڪري بہ انهن اثرن کان ڇٽل نہ آهن. اِهي اثرن جا تفصيل مثالن سان هيٺ ڏجن ٿا؛

صوتياتي اثر: صوتياتي لحاظ کان اوڏڪي، ڪڇي، لاڙي ۽ پارڪريءَ ۾ ڪو خاص فرق ڪونهي، جيڪي سڀ گجراتيءَ جي اثر هيٺ آيل ٿيون ڏسجن. اوڏڪي، ڪڇي، لاڙي، پارڪريءَ ۾ ڪن لفظن ۾ ’ز‘ کي ’ج‘ ۽ ’ج‘ کي ’ز‘ ڪري اچاريو ويندو آهي. اهڙي طرح گجراتيءَ ۾ ’س‘ کي ’ش‘ ۽ ’ش‘ کي ’س‘ اچاريو ويندو آهي. ساڳي طرح گجراتيءَ ۾ ’ف‘ کي ’ق‘، ’غ‘ کي ’گ‘، ’خ‘ کي ’ڪ‘ اچاريندا آهن. اهي اثر اوڏڪي، ڪڇي، لاڙي ۽ پارڪري لهجن ۽ ٻولين ۾ بلڪل نمايان آهن.

اوڏڪي ٻوليءَ جي مطالعي مان اهو پڻ ثابت ٿو ٿئي تہ، گجراتي ٻوليءَ جو سنڌي تي پڻ گهڻو ئي اثر ٿيو آهي، هيٺ حرف جملي، حرف جر ۽ حالت تغيريءَ (مڪاني) جي اثرن جا مثال نموني طور ڏجن ٿا.

حرف جر:

| سنڌي | گجراتي | اوڏڪي | جملي/فقري استعمال |
|---|---|---|---|
| ۾ | مانهہ | مين | ڏڌ لوٽئہ مهين نو. (اوت) |
| ڪي | ني | نون | ساجن نان ڪتاب بتاڙ. |

**حالت:**

سنڌي ٻوليءَ ۾ حالت مڪاني يا حالت جريءَ جي حالت ۾ اسم جي پويان آيل حرف استعمال ڪبو آهي، جيئن: ’گهر ڏانهن‘، ’گهر ۾‘، ’گهر کي‘. گجراتي ٻوليءَ ۾ ’گهر ڏانهن‘ کي گرين/ گري(گهري) ڪري اچاريندا آهن. گجراتيءَ جو اثر اوڏڪي، ڪڇي ۽ پارڪريءَ تي نظر اچي ٿو:

| سنڌي | گجراتي | اوڏڪي | ڪڇي | پارڪري |
|---|---|---|---|---|
| گهر وڃان ٿو. | گرين/گري جائون ڇون. | گهرين جان لا. | گرين/ گري وڃان ٿو. | گرين جائون تو. |

ڍاٽڪيءَ ۾ پڻ چون، ’گهري جائون تو.‘

حرفن_(particles) جو استعمال:

”سنڌي ٻولي ڪنهن اسم يا ضمير تي زور ڏيارڻ/ ڏيڻ لاءِ ’ئي‘ لفظ ڪم آڻبو آهي، پر گجراتيءَ ۾ ’ئي‘ جي بدران ’ج‘ استعمال ڪيو ويندو آهي“.(20) ڊاڪٽر الانا صاحب لکيو آهي تہ گجراتي ۾ ’ئي‘ جي بدران’ج‘ ڪم ايندو آهي، اها ڳالهہ هيئن صحيح ٿيندي تہ گجراتيءَ ۾ ’ئي‘ سان گڏ ’ج‘ ملائبوآهي، جيڪو اوڏڪي ۽ ڪڇيءَ ۾ بہ ساڳي طرح استعمال ٿيندو آهي پر سنڌي ۾’ئي‘ ۾ ’اِي‘ سر هوندو آهي، جڏهن تہ اوڏڪي، گجراتي، ۽ ڪڇي ۾ ’ئي‘ ۾ ’اي‘ سر هوندو آهي، انهيءَ جو استعمال هيٺ ڏنو وڃي ٿو.

| سنڌي | گجراتي | اوڏڪي | ڪڇي | پارڪري |
|---|---|---|---|---|
| تون ئي وڃ | تون ئي ج جائو | تون اي جا | تو ئي ج وڃ | تون ج جائو |

ڍاٽڪيءَ ۾ چون، ’تون ايج جا.‘ گجراتي ۽ اوڏڪيءَ ۾ ڪيترائي فعل هڪ جهڙا آهن.

**شبد ڀنڊار:**

اوڏڪي ٻوليءَ جي لغت جي اڀياس سان معلوم ٿئي ٿو تہ، اوڏڪيءَ جي لغوي ذخيري ۾ خاص طور گجراتيءَ جا ڪيترائي لفظ شامل ٿي چڪا آهن، جيڪي ڪڇي، پارڪري، ڍاٽڪي ۽ مارواڙيءَ، مان ٿيندا هيستائين پڳا آهن. ڪن جي شڪل ڪٿي مٽيل بہ آهي، انهيءَ جو سبب گهڻي عرصي ۽ ٻين ٻولين وٽان گهمندي اچڻ ٿي سگهي ٿو.

ISSN E: 2709-8273
ISSN P:2709-8265
JOURNAL OF APPLIED LINGUISTICS AND TESOL
JALT
JOURNAL OF APPLIED LINGUISTICS AND TESOL (JALT)
Vol.7.No.4 2024

| سنڌي | گجراتي | ڍاٽڪي | ڪڇي | پارڪري | اوڏڪي |
|---|---|---|---|---|---|
| وڏو ڏير | جيٺ | جيٺ | جيٺ | جيٺ | جيٺ |
| وڏي ڏيراڻي | جيناڻي | جيناڻي | جيناڻي | ڄيناڻي | جيناڻي |
| پيرُ | پڳ | پگ | پڳ | پڳ | پگ |
| وڃان | جائون | جائون | ونجان | جائون | جان |

مٿي ڏنل ٻولي، محاوري ۽ لهجي جي وچ ۾ فرق ۽ وصفن جي وضاحت ۽ پاڙيسري ٻولين ۽ محاورن جي تقابلي اڀياس کي بنياد بڻائي، اها ڳالهه واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي سين ته اوڏڪي الڳ ٻولي آهي، ۽ اوڏڪي ٻولي، سنڌي، ڍاٽڪي، مارواڙي، گجراتي، پارڪري جي پيٽ آهي. انهيءَ ڳالهه کي وڌيڪ واضح ڪرڻ لاءِ اوڏڪي ٻوليءَ جي وياڪرڻي خصوصيتن جو اڀياس ڪنداسين.

**اوڏڪي ٻوليءَ جون وياڪرڻي خصوصيتون**

اوڏڪي ٻولي هڪ مڪمل ٻولي آهي، جيڪا اوڏ برادري جي اظهار جو ذريعو آهي. اِها انهن جي ثقافت جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿي، ته جاڻ جو به ذريعو آهي. اوڏڪي ٻوليءَ جي اوڏن جي ثقافت جي گهرجن ۽ اثرن هيٺ جوڙجڪ ٿيل آهي، تنهن ڪري انهي جا پنهنجا آواز، اندروني سٽاءُ، يعني لسانياتي خصوصيتون آهن.

**اوڏڪي ٻوليءَ جا آواز ۽ اکر**

هر ٻوليءَ جا پنهنجا آواز آهن، ڪنهن ۾ گهڻا ته ڪنهن ۾ ٿورا. ڪن ٻولين ٻولين جا ڪي آواز هڪجهڙا هوندا آهن، ته ڪن جا ٿورا ڪي گهڻا مٽيل. مطلب ته آواز، ٻوليءَ جي وجود جو بنيادي جز آهي. اهي آواز جاگرافيائي ۽ ماحولياتي حالتن هيٺ جنم وٺندا آهن. آوازن لاءِ انسان جو وات، زبان، چپ، ڏند وغيره بنيادي ۽ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. جڏهن ته انسان جي جسماني جوڙجڪ، ماپ يا صورت جاگرافيائي ۽ ماحولياتي حالتن ۽ اثرن هيٺ جڙي ٺئي ٿي. ٻيو ته انهي مخصوص خطي جي موسمن، هوائن، گرمين، سردين، برساتن جي حساب سان اتي وڻ، ٻوٽا، جانور، وغيره پيدا ٿين. مطلب ته ماحول ۾ ٻڌڻ ۾ ايندڙ آواز ئي ٻوليءَ جا آواز بڻبا آهن. مطلب ته سماج جو ٻوليءَ سان تعلق اتان ئي جڙي ٿو وڃي.

”لفظن جي اچارڻ جو سڌو لاڳاپو ۽ گهرو تعلق، انسان جي ’اعضاء نطق‘ (ڳالهائڻ وارا عضوا) سان آهي، جنهن ۾ وات جو ڪوپو، گلو، نڙگهٽ، ڪاڪڙو، تازونءَ وارو ڪوپو، ڄڀ، چپ، ڏند، نڪ، ڦڦڙ ۽ پيٽ ڇهه شامل آهن. انهن مان ڪنهن به هڪڙي عضوي جي بناوت ۾ ڪا ڦيرڦار يا گهٽ وڌائي يا معمولي ڪا متاستا ٿيڻ سان، ٻولين جو ٻوليائتو عمل متاثر ٿئي ٿو.“ (17)

مطلب ته ڪنهن ٻوليءَ ۾ سڀ آواز منفرد ناهن، ڪن ماهرن جو خيال آهي ته ٻولي ان کي تسليم ڪجي جنهن جا پنهنجا آواز هجن، جڏهن ته اهو ممڪن ناهي ته اهڙا ساڳيا آواز ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ موجود نه هجن.

ڪجهه ماهرن جو اهو چوڻ آهي ته، ٻولي ۽ زبان ۾ فرق رسم الخط جي بنياد تي آهي؛ جنهن کي پنهنجو رسم الخط آهي سا زبان آهي ۽ جنهن کي پنهنجو رسم الخط ناهي، اها صرف ٻولي آهي، زبان نه. جڏهن ته آئون انهي رايي سان به سهمت ناهيان، ڇاڪاڻ جو ڪيترين ئي اهڙين ٻولين آهن، جن جو پنهنجو رسم الخط ناهي، اهي ٻين ٻولين جي رسم الخط ۾ لکيون وڃن ٿيون، پر اهي مجيل ترين ٻوليون آهن. وڏو مثال انگريزي ٻوليءَ جو آهي، جيڪا اڄ تائين رومن ۾ لکي وڃي ٿي، ان کي پنهنجو رسم الخط ناهي. ٻولي ۽ زبان لفظن ۾، صرف لفظي فرق آهي، ٻولي سنڌي لفظ آهي، زبان فارسي. اهڙي ريت عربيءَ ۾ لسان، هندي ۾ ڀاشا، اردو وارا زبان ۽

ISSN E: 2709-8273
ISSN P:2709-8265
JOURNAL OF APPLIED LINGUISTICS AND TESOL
JALT



بولي ٻئي لفظ ڪتب آڻين، تہ انگريزي ۾ لينگئيج وغيره. جيڪڏهن ٻولي ۽ زبان ۾ فرق آهي، مٿين سڀني لفظن جي بنياد تي پڻ فرق هجڻ گهرجن.

اها ڳالهہ هيئن چئجي تہ رسم الخط هجڻ سان ٻولي، معياري ٻولي بڻجي ٿي، تہ صحيح ٿيندو. اوڏڪي ٻوليءَ جي رسم الخط ۽ انهي جي صوتياتي نظام تي اهڙو ڪو خاص ڪم ناهي ٿيو. اوڏڪي ٻوليءَ جي الفابيٽ ۾ 34 اکر آهن:

ا ب ٻ پ ت ٽ ٿ ٺ ث پ ج جهہ چ ڇ د ڏ ڌ ڊ ڍ ر ڙ س ش ق ڪ ک گ گهہ ل م ن ڻ و هہ ي.

**ڳالهائڻ جا قسم، انهن جا ڦيرا ۽ گردان:**

ٻولين جي انفراديت نہ صرف لفظي ذخيري تي آڌاريل هوندي آهي، بلڪ آبهوائي حالتن موجب انهيءَ خطي جي مخصوص ٻوليءَ جا پنهنجا منفرد آواز بہ هوندا آهن، جيڪي پڻ ٻوليءَ جي انفراديت کي بنياد بخشين ٿا.

”لهجن، محاورن، ڪلچر ۽ لفظن جي معنويت جي لحاظ کان تحقيق جي ڊگهي روايت آهي، جنهن کي سماجي لسانيات جي مد ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. ٻولي کي قدر سماجي حالتن جو پرتوو آهي، تنهن ڪري سماجي سائنسدانن جي کوجنا لاءِ مفيد ثابت ٿئي ٿي. ٻوليءَ جو لفظي ذخيرو ان جي ڳالهائيندڙن جي ضرورتن، تجربن ۽ ماحول جي چٽي تصوير ٿئي ٿو.“ (18)

ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو، جي ايم سيد جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ ”اهڙي طرح سائين جي ايم سيد جي ان مشاهدي تہ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪجيءَ جي وڻ جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ وڏي ٿيڻ تائين ۽ انهيءَ جي ٿارين ٻور، ميوي جي لاهن پچائڻ وغيره جا ٽن سون کان وڌيڪ نالا ۽ اصطلاح آهن.“ (19)

سماج سان لفظن جي ڳانڍاپي جي حوالي سان ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو لکي ٿو تہ ”اسڪيمو ٻوليءَ ۾ برفباريءَ لاءِ ڪيترائي لفظ آهن. اسڪيمو لاءِ ضروري آهي تہ مختلف قسمن جي برفباري لاءِ الڳ الڳ لفظ هجن، جو انهن جي ماحول ۾ برفباريءَ جي وڏي اهميت آهي. جڏهن تہ انگريزي ٻوليءَ ۾ انهن معنائن ۽ مقصد لاءِ ٻٽا اکر يعني fine snow soft snow, dry snow, وغيره آهن. ساڳيءَ طرح بداوين جي عربيءَ ۾ اٺ لاءِ ڪيترائي لفظ آهن جيڪي ان سماج جي چٽي طرح عڪاسي ڪن ٿا.“ (20)

اوڏن جي سماجي ۽ ثقافتي پس منظر موجب اوڏڪي ٻوليءَ جو پنهنجو الڳ لفظي ذخيرو آهي، هتي ڳالهائڻ جي سڀني لفظن مان ڪي لفظ، انهن جا ڦيرا ۽ گردان مثال طور پيش ڪجن ٿا.

**اسم:**

اسم خاص (خاص ڪري ماڻهن جي نالا) گهڻو ڪري چوگرد جي مادي شين ۽ مذهبي اثرن هيٺ رکيل هوندا آهن. باقي ٻيا اسم خاص ۽ اسم عام پڻ اتان جي ثقافت جي انفراديت سبب انفرادي آهن يا ٻين ٻولين کان ورتل نالا (لفظ) پڻ پنهنجي ڍنگ ۽ رنگ سان پنهنجائيا ويا آهن، اوڏڪي ٻوليءَ جي ڪجهہ انفرادي حيثيت رکندڙ اسمن کي پيش ڪجي ٿو.

ليمبِ=نم، جاڙ = ڄار/ڪٻڙ، ٻورٽي= ٻير جو وڻ، پيپڙ= پپر، ٻوَڻ/ ٻبر =ٻبر، ڊگي/گا=ڳئون/ڍڳي، بينس=مينهن، سانڊ=ڏاچي، اونڌر=ڪوئو، سَسِيئَ=سهو، ڪِرلا=ساندو، جيتون=زيتون، نارگي=نارنگي، پيلِوين/ پينٽونوين=پيرون، جمون=ڄمون، تينڌسين/ مينهينٽين=ميهاڻ، موڙي=موري، پگ=پير، ٺُنيا (نونئيا /آڱونا)، انگڙي=آڱر، مُريا= □مريو، ڏانت=ڏند، چونٽئَ= مٿي جا وار، لِلاڙ=نرڙ/پيشاني، ڪيڙي=ماڪوڙي، ٻڄُو=وڇون، جيٺ=مڙس جو وڏو ڀاءُ، جيناٽي=مڙس جي وڏي ڀاءُ جي زال، ساسو= سس، سسرا= سهرو، هڏا/ هاڏا/ ڪاگڙا=ڪانءَ، سِلهہ=سر، چئينپل/ چُونپل=چپل، گهرٽي=جنڊ، ڏانترا=ڏاٽو، بسولا=واهولو، سرڪي=چپر جو قسم، سُڦا=ڪمرو، ڪنڌولئَ= رلي، ڪوٽڙا=ڪٽو/باجڪو، گاگهرا=پڙو، ڪانچڙي=ڪنجري، بئينسر=نٿ، جهونمريئَ=جهومر، ڦينگٽي=ڦولهڙي،

ISSN E: 2709-8273
ISSN P:2709-8265
JOURNAL OF APPLIED LINGUISTICS AND TESOL
JALT



پاوڙا=ڪوڏر، نان=ٿانءَ، باننا=پٽر، چورڙي=ٻارڙي، تابر=ٻارڙو، تال=مڪر/ڊرامو، اوُلڪاڻ=سڄاٽپ، اوهومائي= منجهه/گهٽ ٻوسٽ، ٻوسٽ=چنبو، ٽيڙ، پگ=پير، مُون=منهن، ماسلائين=مهارون، جماڻ= ٿوري لسي يا ڪٽي شئي جيڪا کير کي ڄمائڻ لاءِ وجهبي آهي. نِڪين=نهن، ٻُوبي=ٿڻ، جٿ=ٻڪريءَ جا وار، پچڙ= ٻڪريءَ جي پوئين ٽنگن جي پوئين پاسي ۽ پڇ جي آس پاس جا وار، اُون= رڍ جا وار، رون=انسان جي جسم جا سنهڙا/پورا ۽ ڪچڙا وار، پونڇ=پڇ، گيڏي=لٺ، سانپڙ= لٺ (ڊگهي لچڪدار، پر اڻ چانگيل)، تلهڙ= لٺ (تازي، ڊگهي ، لچڪدار، پر چانگيل)، ڪانٻڙي=ڪانڀ ڪان ٿوري ننڍي ۽ وڏيڪ سنهڙي ڪاتر=ڏنبو جيڪو ڪنهن کي ڪيرائڻ لاءِ پيرن ۾ هڻبو آهي، جو اهڙو زور سان لڳندو آهي جو هڏي ڀڃي وجهندو آهي، گهوٻاٽا=اهو به هڪ قسم جو ڏنبو آهي، جنهن جو جهلڻ وارو پاسو گهڙيل ۽ سنهو هوندو آهي، جڏهن ته اڳيون پاسو گهڻو ڪري اڻگهڙيل ۽ ٿلهو ٿيندو آهي، ڦونسر=ٻڪري (اهڙي ٻڪري جيڪا کير نه ڏيندي هجي، نياڳي اڪثر بيمار رهندڙ) مُوت=ڳئون جو پيشاب، پوٿا=ڳئون يا مينهن جو تازو ڇيڻو، جنهن کي اجا ڇيڙيو نه ويو هجي، گوٻر= ڇيڻو(خاص طور تي ڳڏ ڪيل، ڇينٽئہ= سڪل ڇيڻو، آنڌوريئہ=(ٽيسٽس) آنورا، ڊونگي= دڏ، چينچوڙي=چيچ (آڱر)، ڪانڇ=بغل، اِرڪي=نونٺ، هٿا ُلي=هٿ جي تري، پينڌئہ=پني، ڪِلوي=ڳل/ ڳٽا، جاڙي=جاڙي، جبان=زبان، مڇا=شهپر، مڇون، ٻانڦڙيئا= پنبڻ، ڪميس=قميص، ڪڇر=هٿ سان ڀڃيل ڪاني جو ٽڪرو، (ڪڇري=ڪڇر ڪان به ٿوڙي ننڍي)، گوڙا=ڳوڙهو، نسينگر=نيهر (ڏڪ لڳڻ يا گرمي سبب نڪ مان آيل رت)، نيهترا=نينهٿ (شاديءَ ۾ چني وقت مهمانن پاران مدد طور پئسا ڏيڻ)، لاڏا=گهوٽ (مونث لاڏي)، ڄِترِئہ=ڪجائو(ڳڏهه تي ڪانين يا پاٽي جا گهڙا ڪٽڻ لاءِ ڪاني جو ٺهيل)، ڪٿ=ٿانوءَ وغيره ڌوئڻ ڪان پوءِ، سٽيو پاٽي جنهن ۾ ماني، ڀاڄي يا چانهه جي پتي پيل هوندي آهي، چاڇڙي=لسي، ٻلُوٽئہ=ڌونئري ڪي جهڳڻ واري عمل توڙي، (انهيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ سيني شين ڪي مجموعي طور ٻلوٽئہ چئبو آهي. سرما=سرمون، ڪاڙها=اس ڪڍاٽئہ=بک (ڪپڙو، ان گيهہ، چانور ۽ ڪڪڙ وغيره گهوڙي پوپي جي چوڻ تي جهنگ ۾ اڇلائيا ويندا آهن، چانوءَ يا پوت جي لاهڻ لاءِ.)

چاڪاڻ ته اوڏڪي جي لفظ جي آخري اکر تي ڪا به اعراب يا سند نه هوندي آهي.

اسمن جي مذڪر-مونث يا واحد- جمع  آخري اکر تي اِ،اُ،اَ جا سر مان نه ظاهر ٿيندو آهي. اوڏڪي ٻوليءَ جا پنهنجا قاعدا آهن، جن تي تمام گهڻو تفصيل سان لکڻ جي ضرورت آهي.

اسمن جو ڦيرو:

مذڪر

| حالت | واحد | جمع |
|---|---|---|
| حالت فاعلي | گهوڙا (ناسلا) | گهوڙي (ناسلي) |
| حالت مفعولي | گهوڙا (تڪڙلا) | گهوڙي (تڪڙلي) |
| حالت جري | گهوڙي (پيڙا ناس) | گهوڙان (پيڙا ناس) |

مؤنث

| حالت | واحد | جمع |
|---|---|---|
| حالت فاعلي | گهوڙي (ناسلي) | گهوڙيا (ناسليا) |
| حالت مفعولي | گهوڙي (تڪڙ) | گهوڙيا (تڪڙ) |
| حالت جري | گهوڙي (پيڙا ناس) | گهوڙيان (پيڙا ناس) |

ISSN E: 2709-8273
ISSN P:2709-8265
JOURNAL OF APPLIED LINGUISTICS AND TESOL
JALT



ضمير:

ضمير خالص: ضمير متڪلم ۽ ڦيرو

| حالت | واحد | جمع |
|---|---|---|
| حالت فاعلي | مين(آئون) | امين |
| عام صورت | مين(مون) | امين |

ضمير حاضر ۽ ڦيرو

| حالت | واحد | جمع |
|---|---|---|
| حالت فاعلي | تين (تون) | تمين |
| عام صورت | تون(تو) | تمين |

ضمير غائب: اُوئي(هو، اهي) واحد ۽ جمع ٻنهي ۾ ”او“ ئي لفظ آهي.

ضمير اشارو: ضمير اشارو ويجهو ۽ ڦيرا

| مذڪر | | | مونث | |
|---|---|---|---|---|
| حالت | واحد | جمع | واحد | جمع |
| حالت فاعلي | ها(اهو) | اِيئي | ها | اِيئا |
| عام صورت | اييئہ (انهي) | اينئان (اِنهن) | اينئان | اينئان |

ضمير اشارو ڏور ۽ ڦيرا

| مذڪر | | | مونث | |
|---|---|---|---|---|
| حالت | واحد | جمع | واحد | جمع |
| حالت فاعلي | او (اهو) | او | او | او |
| عام صورت | اُوئہ (انهي) | اُونئان (انهن) | اُوئہ | اُونئان |

ضمير مشترڪ ۽ ڦيرو:

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| حالت فاعلي | آپ (پاڻ) | آپ |
| حالت جري | آپ سين(پاڻ ڪان) | آپ سين |

ضمير مشترڪ صفت: آپڪئہ (پنهنجو)، آپڪين (پنهنجا)، آپڪِيئان (پنهنجون)، آپڪيئا (پنهنجين)

ضمير استفهام: ڪوڻ (ڪير)، ڪهڙئہ (ڪهڙو)، ڪهڙئہ (ڇا)، ڪيهڙي (ڪهڙي)،ڪهڙئہ ٻہ (ڪو ٻہ/ ڪير ٻہ/ڪا ٻہ)

ضمير موصول: جڪو (جو/ جيڪو) جِڪو جو ڦيرو

| حالت | واحد | جمع |
|---|---|---|
| حالت فاعلي | جَڪو | جَڪو |
| عام صورت | جڪان (جنهن) | جَڪان |

ضمير جواب موصول: حالت فاعلي: او(سو)

عام صورت: او (تنهن)

صفت: اوڏڪي ٻوليءَ ۾ صفت جي لغت پنهنجي آهي، ڪجھ مثال هيٺ ڏجن ٿا؛ ٻُٺو= بغير ڪنن وارو، ٺاهوڪو=ملوڪ، سهڻو، اجرا=شرارتي، مڙي=تمام، جاڏا= ٿلهو، نريند= سورهيہ، پهلوان، وير، جوڌو، نواب، چڙلا=چريو، پانگڙا=ٽنگن ۾ جڏو/ ڪمزور، پنگلو، جو صحيح طرح هلي نہ سگهي، ڪن حالتن ۾ هٿن جي ڪمزوري ظاهر ڪرڻ لاءِ پڻ اهو لفظ استعمال ڪبو آهي.

عددي صفت: پيلڪا، ڏُجا، تِيجا، چوٿا، پانچونوا، چوان، ساتوان، آٺوان، نوان، ڏسوان، وغيره...

**اوڏڪيءَ جا فعلءِ فعلن جا زمانن موجب ڦيرا گردان**

اوڏڪيءَ جا فعل لغتي حوالي سان تمام گهڻا منفرد آهن، ۽ انهن جون زمانن موجب صورتون بہ منفرد جڙن ٿيون. هيٺ ڪجھ مثال پيش ڪجن ٿا، ۽ اڳتي انهن جي ڦيرن ۽ گردانن جو جائزو پيش ڪنداسين.

ريڙڻ=هارڻ، ڊورڻ=هارڻ، ڏيکڻ=ڏسڻ، اُڏريس=آنوڙجڻ (ڪا بہ شئي پيئڻ دوران ساھ ڪٽڻ يا ڳالهائڻ سبب، اها پاڻياٺ ٿوري مقدار ۾ ساھ جي ناليءَ ۾ داخل ٿيندي آهي، نتيجي ۾ کنگھ ٿيندي آهي، اها پاڻياٺ نڪ ذريعي ٻاهر نڪرندي آهي، انهي عمل کي اُڏريس چئبو آهي. گوٿاڙا= ماني ڪائيندي، نڙي ۾ ڦِنديو اچڻ، آلا= اچڻ، ڳِلا= وڃڻ، ٻيلا= ويهڻ، هسڻ= کلڻ، ڪُوٽڻ= مار ڪڍڻ، گيتِي آڻ= وڃي اچڻ، ڦسڪلائونڻ= پرچائڻ، پراسجڻ= مِڙڻ، راضي ٿيڻ، ڏڳي يا ٻڪريءَ کي ڏهڻ مهل ٽڻن جو پرجي وڃڻ، ناڪڻ= وجهڻ

**معاون فعل:** هئہ--آهي، هين--آهيان، هِي--آهين، هُتئہ..... هئو، هُتي... هئا وغيره

انهي کان علاوه فعل، زمان ۽ فاعل جي تبديل ٿيڻ سان پڻ ڦرن ٿا، هيٺ ڪُجھ مثال ڏجن ٿا.

زمان حال: راجو روٽي کا ڇَ

زمان حال استمراري: راجو روٽي کا پلا

زمان حال مدامي: ساجن روٽي کاتِي چُڪلا هئہ

زمان ماضي: ساجنئہ روٽي کالي

زمان ماضي بعيد: ساجن روٽي کاتي چُڪلا تا.

زمان ماضي شرطيہ: ساجنئہ روٽي کالي هُئي.

زمان مستقبل: ساجن روٽي کائي.

زمان مستقبل استمراري: زمان مستقبل جي فعلن سان ’پلا يا پلي‘ جو اضافو ٿيندو، مثال طور: کائي پلا يا پلي، وغيره.

**ظرف:** جني= جتي، ڪني= ڪٿي، انو= اُتي، جنگي= جيڏانهن، اُٽنگي=اوڏانهن، انوس=اتان، ڪنگي= ڪيڏانهن، آگمئہ=اڳيان، پُنِيم =پوئيان، نيڙئہ=ويجھو، پرنُون=پري، ڪو=نڪو، چيڪا =جلدي، هُونٽئہ =آهستي، همئہ =هاڻي، آڦي = پاڻهي، وغيره..

**حرف جر:** سون=ڪان، پتر=اندر، جئہ=جو، چِي=جي، چا=جا، نئہ/ نُون= ڪي، سون = سان

**حرف ندا:** مانتي!(ٻيلي!)، گھڻو استعمال ۾ آهي...

ٻولي، انسان ذات جي تهذيب ۽ تمدن جو سڀ کان اعلي خزانو آهي. دنيا ۾ ڪا بہ اهڙي قوم نہ آهي، جيڪا ٻين قومن جي تهذيب ۽ تمدن کان متاثر نہ ٿي هجي، اهڙي طرح دنيا ۾ ڪا بہ اهڙي ٻوليءَ نہ آهي جيڪا پنهنجي پاڙي وارين ٻولين کان اثرانداز نہ ٿي هجي، ان کان ڪجھ ورتو نہ هجيس، يا ان تي پنهنجي لساني ورثي جا اثر نہ ڇڏيا هجنس، ان کي ڪجھ ڏنو نہ هجيس.

هڪ ٻوليءَ جي جاگرافي جي ڀرپاس کي لساني جاگرافي سڏبو آهي، تہ هڪ ئي خطي جي اندر مختلف ٻولين جي ڀرپاس ۽ انهن جي ڀيٽ يا لاڳاپن کي تقابلي لسانيات سڏبو آهي. ڪنهن بہ هڪ مخصوص خطي ۾ ٻولين جو اندروني فرق انهن جو لهجو سڏبو آهي، پر جيڪڏهن فرق وڏي وجي تہ انهي کي الڳ ٻولي سڏبو آهي.

”جتي جتي هڪ لساني قوم جو سماجي اتحاد قائم رهي ٿو، اتي هڪٻئي سان لھ وچڙ سبب ٻوليءَ جا مقامي تفاوت ايترا وڏا ڪونہ ٿا ٿين، جو هڪ خطي جا ماڻھو ٻئي خطي جي ماڻهن جي ٻوليءَ سمجهي نہ سگهن، اهڙي حالت ۾ هڪ ئي ٻولي مقامي تفاوتن سان رهندي. هڪ دفعو اهو ايڪو ٽٽو، تہ پوءِ ان زبان جي مختلف مقامي محاورن ۾ فرق ويندو وڌندو، تان ڪجھ عرصي کان پوءِ اهي سڀ الڳ زبانون ٿي پونديون.“ (21)

”لسانياتي علم جا ڄاڻو ان راءِ جا آهن تہ سڀئي ٻوليون ماڻهن جي گھرجن مطابق اُسريون ۽ نِسريون آهن ۽ سڀئي هڪ جهڙيون ۽ برابر آهن. پر لسانيات جي ڄاڻن جي ان علمي راءِ کي لسانيات جو سائنسي مطالعو نہ ڪندڙ، اڌو گابري لسانياتي تعليم حاصل ڪندڙ ماڻهو، وقت بوقت ٺڏيندا يا رد ڪندا رهيا آهن. جنهن ڪري لسانيات جي ڄاڻن جي ان علمي راءِ کي وقت بہ وقت علمي دليلن سان دفاع جي ضرورت ٿيندي رهي ٿي. ڪا بہ ٻولي اندروني بناوت جي لحاظ کان محدود يا گھٽ مان مرتبي يا اظهار کان اڻپوري يا معذور نہ آهي. مڙئي ٻوليون پنهنجي ڳالهائيندڙ جون سموريون سماجي ۽ نفسياتي گھرجون پوريون ڪن ٿيون ۽ سائنسي علم لاءِ پڻ هڪ جيترين لائق يا اهل آهن. اهي سماجي ۽ انساني فطرت بابت مڪمل ڄاڻ ڏيڻ جو ذريعو آهن.“ (22)

اهڙي ريت دنيا جي هر ٻولي ٻي ٻوليءَ کان تہ مختلف هوندي ئي آهي، پر هڪ ئي ٻولي جي اندر ڪيترو ئي فرق هوندو آهي، جنهن جي بنياد تي محاورا جنم وٺندا آهي، انهن فرقن جي بنياد تي ڪنهن بہ ٻوليءَ يا ڪنهن بہ ٻوليءَ محاوري کي نيچ يا اوچ گھٽ يا وڌ نٿو چئي سگھجي.

اوڏڪي ٻوليءَ جي محاورن ۾ بہ فرق آهي، مثال طور سنڌ جي ناري يا مهڙاٽي، لاڙ، وچولي، اتر جي علائقن جي اوڏڪي ۾ فرق آهي. اوڏڪي ٻولي، تاريخي قدامت، لساني خوبين ۽ خصوصيتن، ثقافتي شاهوڪاري سبب انتهائي قديم ۽ شاهوڪار ٻولي آهي، جنهن تي جديد لسانياتي اصولن تحت تحقيق جي تمام گھڻي ضرورت آهي.

ISSN E: 2709-8273
ISSN P:2709-8265
JOURNAL OF APPLIED LINGUISTICS AND TESOL
JALT



**حوالا:**


1. جوڻيجو، عبدالقادر، ’اوڏ اتهاس‘، (مهاڳ)، سارنگا پبليڪيشن، حيدرآباد، 2011ع، ص، 12
2. ساڳيو، ص، 13
3. ساڳيو، ص، 13
4. ساڳيو، ص، 14
5. ساڳيو، ص، 14
6. سنگهه، ناڪر لڇمي نارڻ، ’اوڏ اتهاس‘، سارنگا پبليڪيشن، حيدرآباد، 2011ع، ص: 16
7. آڏواڻي، پيرو مل مهرچند، ’قديم سنڌ‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2004ع، ص، 126
8. بيگ، مرزا قليچ، ’قديم سنڌ -ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو‘، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو 1999ع، ص، 121
9. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا، جلد پهريون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
10. جوڻيجو، عبدالقادر، ’اوڏ اتهاس‘، (مهاڳ)، سارنگا پبليڪيشن، حيدرآباد، 2011ع، ص، 15
11. ساڳيو، ص، 15
12. سراج، ’سنڌي ٻوليءَ جو اصل نسل‘، سراج انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، حيدرآباد- ڪراچي، جنوري 2016ع، ص: 415
13. لاڙڪاڻوي، جيئل راءِ، اوڏ، ’اوڏ قوم — تاريخي پس منظر ۾ رسم و رواج‘ (مقالو) مهراڻ، جلد 31، نمبر 1.2، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1982ع، 35
14. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 1987ع، ص: 318
15. قريشي، عبدالحفيظ (مهاڳ)، ’ڪڇ جو رڻ‘، محمد سومار شيخ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ، 2006ع، ص 21.
16. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو/ حيدرآباد، سنڌ، 1987ع، ص: 350
17. سنڌي، حيدر، ڊاڪٽر، ’ٻولين جا سرچشما‘، اتهاس پبليڪيشنس، ڪنڊيارو، 1985ع، ص: 75
18. ٻگهيو، قاسم، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻولي: لسانيات کان سماجي لسانيات تائين‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ص: 42
19. ساڳيو، ص: 43
20. ساڳيو، ص: 44
21. سنڌي، حيدر، ڊاڪٽر، ’ٻولين جا سرچشما‘، اتهاس پبليڪيشنس، ڪنڊيارو، 1985ع، ص: 162
22. ٻگهيو، قاسم، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻولي: لسانيات کان سماجي لسانيات تائين‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ص: 48